# امام حُسین رَضِیَ اللہُ عنہ جي سيرت

**27-July-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان
(For Islamic Brothers)

27 جولاءِ 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# امام حُسَين رضي الله عنه جي سيرت

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... محبتِ حسين جي برڪت سان مغفرت ٿي وئي
- ✿... امام حُسَين جون عبادتون
- ✿... امام عالي مقام جي غريبن سان محبت
- ✿... امام حسين رضي الله عنه معاف ڪرڻ وارا آهن

پيشڪش
اَلمَدِينَۃُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ بابرڪت ۾ درود ۽ سلام جو تحفو پيش ڪرڻ تمام وڏي سعادت جي ڳالھ آهي ۽ درود شريف نہ پڙهڻ وڏي محرومي آهي، اسان کي گهرجي تہ درود پاڪ پڙهڻ جي لازمي عادت بڻايون، اچو! سلطان ڪربلا، سيّدُ الشهدا. امام عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه کان مروي ٻہ حديثون ٻڌون ٿا: (1) امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: منهنجي ناني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿيو، ان درود پاڪ نہ پڙهيو، بيشڪ اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.[1] (2) امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه کان ئي روايت آهي، ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڪنجوس آهي اهو انسان جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو، پوءِ ان مون تي درود نہ پڙهيو.[2]

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سدا میں | اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے[(3)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] معجمِ کبير، جلد:2، صفحہ:249، حديث:2818

[2] ترمذی، کتاب الدعوات، باب قول رسول اللہ ...الخ، صفحہ:811، حديث:3546۔

[3] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:114۔

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضرت يعليٰ بن مُرَّه رضي الله عنه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي ڪنهن جڳهه دعوت هئي جيئن ته رسول رحمت، شفيع امت صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابه ڪرام رضي الله عنهم کي ساڻ وٺي دعوت جي لاءِ روانا ٿيا، رستي ۾ هڪ مقام تي ڏٺو ته سندن ڏوهٽو امامِ عالي مقام امام حسين رضي الله عنه (جيڪو اڃا ننڍي عمر جو هيو ۽ هو) ٻارن سان کيڏي رهيو آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تيزي سان ان جي طرف وڌيا ۽ (جيئن پيءُ پنهنجي پٽ جي لاءِ ٻئي هٿ ٻانهون پکيڙيندو آهي ته ٻار اچي سيني سان لڳي، ايئن ئي) پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻه ٻنهي هٿن کي کولي ڇڏيو.

هاٽي هتي ناني (*Grandfather*) ۽ ڏوهٽي (*Grandson*) جو پيار ڀريو انداز ڏسو! پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ چاهِن پيا ته امام حسين

---

[1] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

رضي الله عنه ڊوڙي اچي سيني سان لڳي پر امام حسين رضي الله عنه هيڏانهن هونڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪيو(جڻ ننڍڙو شهزادو چاهي پيو ته نانا سائين مون کي پڪڙين جيئن ٻار ڪڏهن ڪڏهن کيڏڻ جي لاءِ ڊوڙندو آهي ته والد آهسته آهسته پنيان ڀڄندو آهي ۽ ٻار کِلندو آهي، ايئن ئي) رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ امام حسين رضي الله عنه کي کلائيندا رهيا، آخر کيس پڪڙي ورتو.

صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي مبارڪ نگاهن کي لکين سلام هجن....!! هي عظيم قسمت وارا انسان ڪيتري تفصيل سان محبوب نبي رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادائن کي نوٽ ڪندا هئا، جيئن ته روايت جا الفاظ آهن، رسول اڪرم، نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ امام حسين رضي الله عنه کي پڪڙيو، پنهنجو هڪ هٿ مبارڪ سندن ڪياڙي جي هيٺان رکيو ۽ ٻيو هٿ مبارڪ ڪنڌ تي رکيو ۽ پيار سان سندن چهرو چميو، پوءِ فرمايائون، حُسَيْنٌ مِنِّي وَ اَنَا مِنْ حُسَيْن حسين مون مان آهي ۽ مان حسين مان آهيان اَحَبَّ اللهُ مَنْ اَحَبَّ حُسَيْنًا جيڪو حسين سان محبت ڪري، الله پاڪ ان سان محبت ڪندو آهي حُسَيْنٌ سِبْطٌ مِنَ الْاَسْبَاطِ حسين اسباط مان هڪ سِبَط آهي.[1]

## سِبْط جي معنيٰ ۽ شانِ امام حسين رضي الله عنه

سِبط جي معنيٰ آهي: اهو وڻ (*Tree*)جنهن جي پاڙ هڪ ۽ ٽاريون گهڻيون هجن. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: حُسَين سِبط آهن. مطلب هي آهي ته جيئن حضرت يعقوب جي 12 پٽن مان سندن نسل هلي ۽ وڌندي

---

[1] . ابنِ ماجہ،المقدمہ،فضل الحسن و الحسين ابنی علی ...الخ،صفحہ:37 ،حديث:144۔

وئي، ايئن ئي حُسين منهنجا سِبط آهن جوتہ انهن مان منهنجي نسل وڌندي ۽ اولھ ۽ اوير ۾ ڦهلجي ويندي. [1]

هتي وڏو ايمان افروز نڪتو آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝ (پاره:30، الكوثر:1) | ترجمو ڪنز العرفان: اي محبوب! بيشڪ اسان توکي بيشمار خوبيون عطا فرمايون. |

هن آيت ۾ ڪوثر جي هڪ معنيٰ آهي: اولاد جي ڪثرت. [2] هي رسول اڪرم، نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان آهي جو سندن صاحبزادا جواني تائين زنده نہ رهي سگهيا، سيئي صاحبزادا ننڍپڻ ئي ۾ وفات ڪري ويا، ان جي باوجود الله پاڪ سندن اولاد کي باقي رکيو، ڏسو! اڄ بہ لکن ڪروڙن جي تعداد ۾ سادات سڄورا دنيا ۾ موجود آهن، هي آهي، اولاد جي ڪثرت. ڄڻ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي رهيا آهن تہ الله پاڪ مون کي اها شان بخشي تہ منهنجي اولاد تمام گهڻي ٿيندي، قيامت تائين رهندي پر منهنجي هن شان جو ظهور حسين جي ذريعي ٿيندو جوتہ حُسَيْنٌ سِبْط مِنَ الْاَسْبَاط حسين مضبوط پاڙ وارو وڻ آهي، هي پاڻ جيتوڻيڪ شهيد ٿي ويندا پر سندن ذريعي سان منهنجي اولاد قيامت تائين باقي رهندي.

## حُسَينُ مِنّي جي معنيٰ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هڪ حديث شريف ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو:

حُسَيْنٌ مِنِّي وَاَنَا مِنْ حُسَيْن يعني حُسَين مون مان آهي ۽ مان حُسين مان آهيان.

---

[1] مرآة المناجيح، جلد:8، صفحه:479 بتغير قليل۔

[2] تفسير نور العرفان،پاره:30، الكوثر،زيرِ آيت:1، صفحه:906 بتغير قليل۔

جڏهن ڪنهن سان تمام گهڻي محبت هجي ته عربي ۾ اهڙي طرح جو جملو ڳالهائبو آهي، جيئن فارسي جو هڪ شعر آهي:

مَنْ تُوشُدَمْ تُومَنْ شُدِیْ، مَنْ تَنْ شُدَمْ، تُوجَاں شُدِیْ

تَاکَس نَہ گُوْیَدْ بَعْدَ اَزِیں مَنْ دِیْگَرَمْ تُودِیْگَرِیْ

يعني مان تون بڻجي ويو آهيان ۽ تون مان بڻجي ويو آهين، مان جسم آهيان ۽ تون جان آهين بس ان ڪان بعد ڪوبہ نٿو چئي سگهي ته مان ڪو ٻيو آهيان ۽ تون ڪو ٻيو آهين.

فرمانِ عاليشان جو مطلب هي آهي ته حُسين ۽ مان 2 جسم هڪ جان آهيون، منهنجي محبت حسين جي محبت آهي، حسين جي محبت منهنجي محبت آهي، ايئن ئي جيڪو حُسين سان وِڙهي اهو هي نہ سمجهي ته مان حسين سان وڙهي رهيو آهيان بلڪ اهو مون سان وڙهي رهيو آهي. ياد رهي! آئنده امام حسين سان(ميدانِ ڪربلا ۾) جيڪي واقعا پيش اچڻ وارا هيا، سي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن کي نبوت جي نور سان ڏسي ورتو هيو، انهيءَ ڪري امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه سان ايتري گهري محبت جو اظهار ڪيائون.[1]

## امام حسين سان محبت جي فضيلت

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي بہ فرمايو ته اَحَبَّ اللهُ مَنْ اَحَبَّ حُسَيْنًا جيڪو حسين سان محبت ڪندو آهي الله پاڪ ان سان محبت ڪندو آهي.[2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور فرمايو! امام عالي مقام، امام حسين

[1] مرآۃ المناجیح،جلد:8 ،صفحہ:479 خلاصۃً۔

[2] ترمذی،ابواب المناقب ...الخ،باب مناقب ابی محمد الحسن ...الخ،صفحہ:857 ،حدیث:3782 ملتقطاً۔

رضی اللہ عنہ سان ايماني محبت رکڻ ڪيتري فضيلت جي ڳالھ آھي جو جيڪو امام حسين سان محبت ڪندو آھي، اھو ٻانھو الله پاڪ جو محبوب بڻجي ويندو.

## اھو جنت ۾ اسان سان گڏ ھوندو...!!

امام عالي مقام، امام حسين رضی اللہ عنہ جو فرمانِ عاليشان آھي: جيڪو اسان سان دنيا جي خاطر محبت ڪندو آھي تہ بيشڪ دنيادار تہ ڪنھن بہ نيڪ يا بد سان محبت ڪري وٺندو آھي، ھا! جيڪو اسان سان صرف و صرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر محبت ڪندو آھي، اھو ۽ اسان قيامت جي ڏينھن ھيئن ھڪ ھنڌ ھونداسين، ھي چئي ڪري پاڻ شھادت واري ۽ ان سان گڏ واري آڱر پاڻ ۾ ملائي ڇڏي.[1]

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب واَہلِ بیت کا
ہے خدائے مصطفٰے، اصحاب واہلِ بیت کا

جینا مرنا اُن کی اُلفت میں ہو یارب! اور ہو
قُربِ جنت میں عطا اصحاب واہلِ بیت کا

حَشر میں مجھ کو شفاعت کی عطا خیرات ہو
واسطہ یا مصطفٰے! اصحاب واہلِ بیت کا[2]

## محبتِ امام حسين رضی اللہ عنہ جي ڪري مغفرت ٿي وئي

حضرت علامہ ابن جوزي رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: ھڪ ڀيرو حضرت عمرو بن ليث رحمۃ اللہ علیہ جي سامھون سندن تمام فوج کي جمع ڪيو ويو، حضرت عمرو بن ليث رحمۃ اللہ علیہ جڏھن پنھنجي فوج جي ڪثرت ڏٺي تہ روئي ڏنائون ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳا، اي ڪاش امام حسين رضی اللہ عنہ جي شھادت جي وقت ڪربلا ۾ موجود ھجان ھا ۽ مون وٽ ايتري فوج ھجي ھا تہ مان پنھنجي جان، شان و شوڪت ۽ سڄي فوج کي سندس قدمن مٿان قربان ڪري ڇڏيان ھا. ان زماني جي ڪنھن وَليُّ الله کي خواب ۾ الله ڪريم جي آخري نبي، محمدِ عربي صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي

[1] مقتل الحسین لطبرانی،صفحہ:76،رقم:115۔
[2] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:35 ملتقطًا.

زيارت ٿي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عَمْرو بن ليث کي چئي ڇڏيو تہ ان جي دل ۾ جيڪو خيال آيو آهي، اسان کي ان جي خبر آهي ۽ اسان ان جي ارادي کي قبولي ورتو آهي، الله ڪريم ان کي هن ارادي ۽ خيال تي اجرِ عظيم عطا فرمائي. جڏهن خواب ڏسڻ واري حضرت عمروبن ليث رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اها خوشخبري ٻڌائي تہ اهو خوشيءَ مان جهومي پيو ۽ ان جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا.[1]

**ڪتابن ۾ لکيل آهي:** حضرت عمرو بن ليث رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي انتقال کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ انهن فرمايو: الله ڪريم مون کي بخشي ڇڏيو، پڇيو: ڪهڙي سبب؟ فرمايائون: ربّ ڪريم انهيءَ چڱي نيت جي سبب منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي.[2]

سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! امام عالي مقام، امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْه سان محبت جي اظهار جو ڪهڙو انعام مليو...!! الله پاڪ اسان سيني کي امام عالي مقام، امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جي سچي، پڪي، ايماني محبت نصيب فرمائي. الله پاڪ اسان جي نسلن (*Generations*)کي بہ صحابہ و اهل بيت جو سچو پڪو عاشق بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| میری جھولی میں نہ کیوں ہوں دوجہاں کی نعمتیں | میں ہوں منگتا میں گدا اصحاب و اہلِ بیت کا |
| کیوں ہو مایوس اے فقیرو! آؤ آکر لوٹ لو | ہے خزانہ بٹ رہا اصحاب و اہلِ بیت کا |
| فضل رب سے دوجہاں میں کامیابی پائے گا | دل سے جو شیدا ہوا اصحاب و اہلِ بیت کا(3) |

[1] بستان الواعظين ص 240 متلقطا، دارالڪتب العلميه بيروت
2 مدارج النبوت ج 1 ص305 ملخصاً، مرڪز اهلسنت برڪاتِ رضا هند
[3] …وسائلِ فردوس،صفحہ:35۔

# امام حسين رضي الله عنه جو مختصر تعارف

❁ سلطانِ ڪربلا، سيّدُ الشّهداء، امام عالي مقام، امام عرش مقام، حضرت سيدُنا امام حسين رضي الله عنه رسول الله جا ڏوهٽا آهن ❁ مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ ۽ حضرت سيده فاطمہ زهره جا شهزاده آهن ❁ سندن مبارڪ نالو: حسين، ❁ ڪنيت: ابو عبدالله ۽ ❁ لقب: سِبطِ رسول (يعني رسول پاڪ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا) ۽ ريحانۃُ الرسول(يعني رسولِ پاڪ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا گل) آهن ❁ پاڻ رضي الله عنه جي ولادت هجرت جي چوٿين سال 5 شعبان المعظم 4 هجري تي مدينہ منوره ۾ ٿي. ❁ حضورپرنور صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن نالو "حسين" ۽ "شبير" رکيو ۽ سندس ڪي پنهنجو پٽ چيو.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** امام حسين رضي الله عنه جي ولادت سان گڏ ئي سندن شهادت جي خبر بہ مشهور ٿي وئي هئي، حضرت جبرائيل اَمين بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري خبر ڏني تہ يارسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اوهان جي ڏوهٽي کي اوهان جي اُمّت شهيد ڪري ڇڏيندي، حضرت جبرائيل عليه السلام سندن مقامِ شهادت يعني ڪربلا جي مٽي بہ بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪئي.[2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** تقدير ۾ لکيل پورو ٿيو، امام حسين رضي الله عنه پنهنجي 72 وفادار رفيقن سان گڏ، 10 محرم الحرام، سن 61 هجري تي ميدانِ ڪربلا ۾ يزيد پليت جي خلاف حق جو آواز بلند ڪندي، ناني جي دين تي پهرو ڏيندي، ظلم سهندي، ڏک ۽ غم جي جبل آڏو ثابت قدم رهي ڪري عزت سان، بهادري سان، شان و شوڪت سان شهيد ٿيا ۽ رهندي دنيا تائين جي لاءِ باطل جي خلاف بيهڻ جو، حَق تي هلڻ جو، دينداري جو، عزت سان جيئڻ، عزت سان مرڻ جو، شجاعت جو، بهادري جو، استقامت جو ۽ صبر جو سبق ڏئي ويا.

حُسَیْن ایک علامت ہے زِندگی کے لئے | حُسَیْن عَزْمِ سَفر ہے مُسافری کے لئے

1 سوانح ڪربلا، صفحہ:103۔
[2] سوانح ڪربلا، صفحہ:106۔

هڪ ٻئي شاعر چيو آهيَ:

فِطرَت کی مصلحت کا اشارہ حُسَین ہے
وہ اس لئے لڑے کہ ستم کو مٹا سکیں

قربانیوں کی آنکھ کا تارا حُسَیْن ہے
پھر کیوں نہ ہم کہیں کہ ہمارا حُسَیْن ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امام حسين جي فضيلتن تي. . حديثون

قاسم نعمت، مالڪ جنت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ امام حَسَن مجتبي ۽ امام حُسَين مجتبي رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جي متعلق فرمايو: هي ٻئي جنتي جوانن جا سردارآهن.[1] هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو: مَنْ اَحَبَّهُمَا فَقَدْ اَحَبَّنِی حَسَن ۽ حُسَين سان جنهن محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي وَ مَنْ اَبْغَضَهُمَا فَقَدْ اَبْغَضَنِی ۽ جنهن انهن سان دُشمني ڪئي، ان مون سان دُشمني ڪئي.[2] الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هُمَا رَيحَانَتَایَ مِنَ الدُّنيَا يعني حَسَن ۽ حُسَين دُنيا ۾ منهنجا ٻہ گل آهن.[3] الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کي سونگهندا هئا ۽ سيني سان لڳائيندا هئا.[4]

کیا بات رضا اُس چمنستانِ کرم کی
زَہراء ہیں کلی جس میں حُسَیْن اور حَسَن پھول[5]

[1] معجم كبير، جلد:2، صفحہ:174، حديث:2549۔
[2]...مستدرک، کتاب معرفۃ الصحابۃ، جلد:3، صفحہ:182، حديث:4777۔
[3]...بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، باب مناقب الحسن والحسين، صفحہ:949، حديث:3753۔
[4] ترمذی، ابواب المناقب، باب مناقب ابی محمد حسن بن علی، صفحہ:856، حديث:3779۔
[5]...حدائق بخشش، صفحہ:79۔

**وضاحت:** اي رضا! ان عزت واري، ڪرم واري باغ (يعني خاندانِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وآلِهٖ وَسَلَّمَ) جي چا ڳالھ آهي جو جنھن جي پنکڙي حضرتِ فاطِمة الزَّھراء رَضِيَ الله عَنْها ۽ جنھن جا گل حضرت امام حسن ۽ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا آهن.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ٻي هنڌ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا:

اُن دو کا صدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں | کیجئے رضا کو حشر میں خنداں مثالِ گُل[1]

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪن ٿا: يارسولَ الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان فرمايو: حسن ۽ حسين رَضِيَ الله عَنْهُمَا ٻئي منھنجا گل آهن. هنن ٻنهي جنتي گلن جو صَدقو! احمد رضا کي سياڻي قِيامت جي ڏينھن گل جيان ٽڙندو کلندو رکجان.

## پنجتن پاڪ ٻ.....!! جنتي! جنتي!

روايتن ۾ آهي: هڪ ڀيرو الله پاڪ جا آخري نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ پنھنجي پياري شهزادي فاطمة الزهره رَضِيَ الله عَنْها وٽ تشريف کڻي ويا، ان وقت حضرت علي المرتضيٰ، شيرخدا رَضِيَ الله عَنْهُ ستل هئا، امام حسن مجتبي رَضِيَ الله عَنْهُ کير گھريو، پياري آقا، رسول خدا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ اٿيا ۽ پنھنجي رحمت وارن هٿن سان ٻڪري جو کير ڏڌو، اجا امام حسن رَضِيَ الله عَنْهُ کي ڏنو ئي نہ هيو تہ امام حسين رَضِيَ الله عَنْهُ بہ کير گھريو، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: پٽ! پھريان تنھنجي ڀاءُ کير گھريو آهي، اسان پھريان ان کي پياريون پوءِ توکي پياريندا سي. هي ڏسي ڪري سيّده فاطمة الزهره رَضِيَ الله عَنْها عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ ! لڳي ٿو تہ اوهان حسن کان وڌيڪ پيار ڪيو ٿا..!! فرمايائون: مان انهن ٻنهي کان پيار ڪيان ٿو. بيشڪ مان،

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:77۔

تون، هي ٻئي(يعني حسن ۽ حسين) ۾ هي ستل(يعني حضرت علي المرتضي رضي الله عنهم) قيامت جي ڏينهن هڪ ئي هنڌ هونداسين.[1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیٔ نبی! | جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی جنّتی | حضرتِ صدّیق بھی! | جنّتی جنّتی |
| اور عُمرِ فاروق بھی! | جنّتی جنّتی | عُثمانِ غنی! | جنّتی جنّتی |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی جنّتی | حسن اور حسین بھی! | جنّتی جنّتی |
| والِدَین نبی! | جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی جنّتی |
| اور ابوسُفیان بھی! | جنّتی جنّتی | ہیں معاویہ بھی! | جنّتی جنّتی(2) |

## حسن ۽ حُسين رضي الله عنهما جي لاءِ روشني ٿي وئي

صحابيِ رسول حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي: هڪ ڀيري رات جو وقت (*Night Time*) هيو، سرڪار مدينہ صلّى الله عليه وآله وسلّم عشاء جي نماز پڙهائي رهيا هئا، ننڍڙا شهزادا امام حسن ۽ حسين رضي الله عنهما بہ اتي موجود هيا، جڏهن پاڻ ڪريم صلّى الله عليه وآله وسلّم سجدي ۾ ويندا هئا تہ ٻئي شهزاده سندن پٺي تي ويهي رهندا هئا، جڏهن پاڻ صلّى الله عليه وآله وسلّم سجدي مان مٿو ڪڍندا هئا تہ کين نرمي سان پڪڙي زمين تي ڇڏي ڏيندا ها، جڏهن پاڻ ڪريم صلّى الله عليه وآله وسلّم ٻيهر سجدي ۾ ويندا هئا تہ ٻئي شهزاده وري پٺي تي سوار ٿي ويندا هئا، جڏهن پاڻ صلّى الله عليه وآله وسلّم نماز مڪمل ڪري ورتي تہ ٻنهي شهزادن کي جهولي ۾ ويهاريو، حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمائن ٿا: مان اڳتي وڌي ڪري عرض ڪيو: يارسول الله صلّى الله عليه وآله وسلّم! شهزادن کي گهر ڇڏي اچان؟ پاڻ سڳورن صلّى الله عليه وآله وسلّم اجازت عطا فرمائي. هڪ روايت ۾ آهي: گهٽي ۾ انڌيرو هيو تہ ٻنهي شهزادن کي گهر وڃڻ ۾ ڊپ محسوس ٿيو، جيئن تہ انهن شهزادن جي خاطر

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:14، صفحہ:164۔

2...وسائلِ فردوس،صفحہ:53۔

انهيءَ وقت آسمان تي بجلي چمڪي ۽ گهٽي روشن ٿي وئي، جيستائين شهزادا پنهنجي گهر نه پهتا ان وقت تائين روشني موجود ٿي رهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام، حضرت امام حسين رضي الله عنه نهايت ئي اعلي اخلاق ۽ ڪردار جا مالڪ هئا، اچو! سندن سيرت پاڪ جا ڪجھ نمايان پهلو ٻڌون ٿا.

## امام حسين جون عبادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام رضي الله عنه تمام گهڻا عبادت گذار ۽ پرهيزگار هئا. ❁ علامه ابنِ اثير جزري رحمة الله عليه لکن ٿا: كَانَ الْحُسَيْنُ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فَاضِلاً كَثِيْرَ الصَّوْمِ وَالصَّلٰوةِ وَالْحَجِّ وَالصَّدَقَةِ وَاَفْعَالِ الْخَيْرِ جَمِيْعِهَا يعني حضرت امامِ حُسين رضي الله عنه ڪثرت سان نماز پڙهندا هئا، روزا رکندا هئا، حج ڪندا هئا، صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا ۽ تمام ڀلائي جي ڪمن ۾ حصو وٺندا هئا.[2]

❁ امام عالي مقام رضي الله عنه جا شهزاده حضرتِ امام زين العابدين رضي الله عنه فرمائن ٿا: منهنجا والدِگرامي حضرت امامِ حُسين رضي الله عنه ڏينهن رات ۾ هزار(1000)رڪعت نفل ادا ڪندا هئا.[3]

❁ امام حسين رضي الله عنه جي متعلق هي به منقو آهي ته پاڻ رضي الله عنه مديني پاڪ کان پيادل (25) حج ڪيا.[4]

## امام حسين جون 4 پسنديده عبادتون

عاشُورا جي رات جڏهن حضرت امامِ حُسين رضي الله عنه ميدانِ ڪربلا ۾ هئا، پاڻ رضي الله عنه پنهنجي ڀاءُ حضرت عباس علمبردار رضي الله عنه کي فرمايو: ڪيئن به

[1] تاريخ مدينه دمشق ،جلد:14، صفحه:158 - 159 ـ
2 اسد الغابة، رقم:١١٧٣،الحسين بن علي، ٢٨/٢
3 عقد الفريد، باب من كلام الزهاد و أخبار العباد،١١٤/٣مختصرا
4 تاريخ مدينه دمشق ،جلد:14، صفحه:180ـ

ڪري جنگ کي سڀاڻي تائين ملتوي ڪرائي ڇڏيو! تہ جيئن اڄ رات اسان الله پاڪ جي عبادت ڪري سگھون، الله پاڪ خوب ڄاڻي ٿو تہ مون کي (1) نماز پڙھڻ (2) قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ (3) ڪثرت سان دعائون گھرڻ ۽ (4) ڪثرت سان استغفار ڪرڻ گھڻو پسند آھي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! محبت اطاعت ڪرائيندي آھي امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ ڪان اسان جي محبت ڪھڙي آھي؟ ٿورو غور ڪيو؟ 10 محرم الحرام جي رات امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ جي ظاھري زندگي مبارڪ جي آخري رات ھئي پر الله پاڪ جي عبادت جو ذوق ۽ شوق ڏسو؟ ڪاش! ڪاش! اسان غلامانِ امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ بہ پنھنجي محبوب جي نقشِ قدم تي ھلندي عبادتون ۽ رياضتون ڪندي پنھنجي زندگي جا ڏينھن رات گذاريون. ياد رکو! حديث پاڪ ۾ آھي: ٻانھو انھيءَ سان گڏ ھوندو جنھن سان اھو محبت ڪندو ھوندو.[2] جيڪڏھن اسان زبان سان امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ سان محبت جي دعوا ڪندا رھون پر امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ جي مبارڪ سيرت کي نہ اپنايون تہ اسان جي محبت ناقص(*Imperfect/Defective*) آھي ڇوتہ عاشق پنھنجي محبوب جي پنيان پنيان ھلندو آھي. حضرت امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ پنھنجي مبارڪ چھري تي پنھنجي نانا جان رحمتِ عالميان جي پياري پياري سُنّت ڏاڙھي شريف سجائي ھئي، سندن والد محترم موليٰ علي مشڪل ڪشاء رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ جي بہ گھاٽي ڏاڙھي شريف ھئي. اسان غور ڪيون تہ اسان جي چھري تي ھي سنتِ رسول آھي؟ امام عالي مقام حضرت امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ پنھنجي مبارڪ زندگي جي آخري نمازِ فجر پنھنجي خيمي ۾ باجماعت ادا فرمائي جڏھن تہ دشمن چئني طرفن کان تلوارون چمڪائي رھيا ھئا، اھل بيت

1 الكامل فى التاريخ،ثم دخلت سنة احدى و ستين،ذكر مقتل الحسين،جلد:3 ،صفحہ:166 ـ
2 بخاری، کتاب فضائل اصحاب النبی، صفحہ:934، حدیث:3688مفہوماً۔

اطهار عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي اصل محبت سندن پيروي ڪرڻ ۾ آهي، ؟ امام عالي مقام حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡه جي مبارڪ زندگي مان اسان ڪي هي درس ملي ٿو ته اسان ڪي پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ گهرجن ۽ وقت اچڻ تي دين جي خاطر هرطرح جي قرباني پيش ڪرڻ جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي. الله ڪريم اسان ڪي صحابہ و اهل بيت رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم جي حقيقي محبت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## لباس مبارڪ ۾ سنتن جو لحاظ

امام عالي مقام جو درزي جنهن سان ڪين ڪپڙا سبرائيندا هئا، اهو چئي ٿو: مون امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي عرض ڪيو: لباس جي ڊيگهه پيرن تائين رکان؟ فرمايائون: نہ. مون عرض ڪيو: پيڏين کان هيٺ رکان؟ فرمايائون: مَا اَسۡفَلَ مِنَ الۡكَعۡبَيۡنِ فِى النَّارِ يعني جيڪو ڪپڙو پيڏين کان هيٺ لڙڪندو آهي، اهو باهہ ۾ آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو! امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ سنتن جو لحاظ رکڻ وارا هئا، لباس ۾ سُنت هيءَ آهي تہ گوڏ (يا شلوار وغيره) پيڏين کان مٿي رهي. امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ هن جو لحاظ رکيو.

هاڻي امام حسين جي محبت جي دعوا ڪرڻ وارا ٿورو پنهجي لباس تي غور ڪن. اسان لباس ۾ سنتن جو لحاظ رکون ٿا يا جديد فيشن تي هلون ٿا؟ اسان جي مٿي تي سنت جي مطابق عمامو شريف سجايل هوندو آهي يا نہ؟ اسان جي شلوار، پاجامو يا پينٽ وغيره پيڏين کان مٿي هوندي آهي يا فيشن جي بي جا محبت جي بدولت پيڏين کان

1 مقتل الحسين لطبرانی،صفحہ:33 ،رقم:28۔

هيٺ هوندي آهي؟ افسوس! افسوس! اڄڪلهه فيشن پرستي جو دور آهي، هلڻ، ڦرڻ، اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ وغيره ۾ سنتن جو لحاظ رکڻ تہ پري جي ڳالهه ڪيئي ماڻهن کي انهن سنتن جو علم تائين ناهي هوندو. ڪاش! امام عالي مقام رضي الله عنه جي صدقي اسان کي سنتن جي محبت نصيب ٿي وڃي. حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّة يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## اِسْبَال چاڪي چئبو آهي

خيال رهي! شلوار، پاجامو يا پينٽ وغيره پيڏين کان هيٺ رکڻ کي اسبال چوندا آهن.[2] ۽ هي مکروهِ تنزيهي (يعني شريعت ۾ ناپسنديده) آهي. ها! خودپسندي(*Self-Centeredness*) ۽ تڪبر(*Arrogance*) جي نيت سان هجي تہ گناهه ڪبيره، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[3]

## امام عالي مقام جي غريبن سان محبت

امام عالي مقام امام حسين رضي الله عنه جو هڪ نهايت پيارو وصف آهي تہ غريبن، مسڪينن، يتيمن جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. هڪ ڀيرو پاڻ فرمايائون: اسان اهلِ بَلا آهيون (يعني دنيا ۾ اسان جي لاءِ تمام گهڻيون آزمائشون آهن) اسان دنياوي عيش و عشرت کي ڇڏي ڏنو

[1] ... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥
[2] بہارِ شریعت ،جلد :1،صفحہ:632 حصہ :3مفصلاً ۔
[3] فتاوٰی رضویہ ، جلد :7،صفحہ:388ملخصاً ۔

آهي، پنهنجون تمام تمنائون مٿائي ڇڏيون آهن ۽ پنهنجي زندگي ٻين جون تمنائون پوريون ڪرڻ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. سُبۡحٰنَ الله! ڇا ته شان آهي امام عالي مقام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو.....!!

## غريبن مسڪينن سان محبت

هڪ ڀيري امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ وٽ سنڌن گهر واري پيغام ڪٺي آئي ته" اسان گهر ۾ اوهان جي لاءِ لذيذ کاڌا ۽ خوشبو تيار ڪئي آهي، اوهان جنهن کي پنهنجي لائق سمجهو ساڻ وٺي گهر تشريف ڪٺي اچو." هي پيغام ٻڌي ڪري حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ مسجد ۾ تشريف وٺي ويا ۽ اُتي جيڪي مسڪين موجود هئا انهن کي ساڻ وٺي گهر تشريف ڪٺي آيا، گهر واريءَ کي فرمايائون: مان توکي پنهنجي ان حق جو قسم ٿو ڏيان جيڪو منهنجو توتي آهي ته تون کاڌو ۽ خوشبو بچائي نه رکندينءَ. پوءِ ان ائين ئي ڪيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ مسڪينن کي کاڌو کارايو، انهن کي ڪپڙا پارايا ۽ خوشبو لڳائي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙي نرالي شان آهي.....!! حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ غريبن سان ڪيتري قدر محبت فرمائيندا هئا! ڪاش! اسان به غريبن سان محبت ڪيون. انهن جي ڪم اچون، مسڪينن، يتيمن، بي سهارن جا ڏک ونڊيون.

## غريبن جي دلجوئي جي اهميت

غريبن جي دلجوئي جي ڪيتري اهميت آهي، هن جو اندازو هن ڳالهه مان

1 مكارم الاخلاق لطبرانی،صفحہ:104،رقم:172 ملتقطًا۔

لڳايو ته الله پاڪ پنهنجي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم فرمايو:

وَاصۡبِرۡ نَفۡسَكَ مَعَ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ وَالۡعَشِىِّ يُرِيۡدُوۡنَ وَجۡهَهٗ

(پاره:15،الکہف:28)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن ماڻهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي ربّ کي سڏيندا آهن ان جي رضا گهرندا آهن.

هي آيتِ ڪريمه انهن صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي حق ۾ نازل ٿي جيڪي پهريان غلامي جي زندگي گذاري چڪا هئا، هي فقراء هئا، الله پاڪ انهن جي متعلق پنهنجي محبوب کي حڪم ڏنو ته اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! پنهنجو پاڻ کي انهن فقير صحابه سان مانوس رک! حضرت خبّاب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هي آيت ڪريمه نازل ٿيڻ کان بعد حالت هي ٿي وئي جو پيارا نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان سان گڏ تشريف فرما رهندا هئا، اسان پاڻ اجازت وٺندا هئاسين، نه ته حضور اسان کي اتي ڇڏي ڪڏهن نه اٿندا هئا.[1]

بے دام ہی بِک جائیے بازارِ نبی میں | اس شان کے سودے میں خسارے نہیں ہوتے

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته اسان غريبن مسڪينن سان محبت ڪيون، دل ۾ انهن جي الفت وڌايون، انهن سان عزت سان پيش اچون ۽ جيستائين ٿي سگهي انهن جو سهارو بڻجڻ جي ڪوشش ڪيون. الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## الله پاڪ جو پيارو بڻائڻ وارو عمل

حسني، حسيني سيّد، حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

[1] تاريخ مدينه دمشق، جلد:10، صفحه:447و 448

فرمائن ٿا: اي مال دارو! جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي چاهيو ٿا ته پنهنجي مال جي ذريعي غريبن سان همدردي ڪيو![1] پوءِ غوثِ اعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه هڪ حديث شريف بيان فرمائي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماڻهو الله پاڪ جي عيال(يعني الله پاڪ جا ٻانها آهن ۽ ان جا محتاج) آهن، الله پاڪ جو وڏيڪ پيارو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي عيال کي گهڻو فائدو پهچائڻ وارو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي پياري آقا جي ڏکياري اُمّت سان ڏک تکليف ۾ ساٿ ڏيڻ واري تحريڪ آهي. دعوت اسلامي جو شعبو **FGRF** خاص انهيءَ مقصد جي لاءِ ڪم ڪري ٿو، غريبن، بي سهارن، يتيمن، مسڪينن جي غمخواري ڪرڻ، انهن جي ڪم اچڻ، انهن جي مدد ڪرڻ، مشڪل وقت(***Tough Time***) ۾ اُمّت جو سهارو بڻجڻ، آفتن(***Calamities***)، مصيبتن ۾ ورتلن جي ڪم اچڻ هن شعبي (***Department***) جو خاص ڪم آهي. اوهان به **FGRF** جو ساٿ ڏيو! نيڪ ڪمن ۾ حصّو شامل ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون.

ہو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا
درد مندوں سے ضعیفوں سے محبّت کرنا

مرے اللہ! بُرائی سے بچانا مجھ کو
نیک جو راہ ہو، اس رہ پہ چلانا مجھ کو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] فتح الرحمٰن، صفحه:127.
[2] موسوعه ابنِ ابی دُنیا، ڪتاب قضاء الحوائجِ، جلد:4، صفحه:159، حديث:24.

## امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مُعاف ڪرڻ وارا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! امام عالي مقام. امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي هڪ پياري پياري عادت هي بہ آهي تہ جيڪو ڪين تڪليف پهچائيندو هيو، پاڻ ان کي معاف ڪري ڇڏيندا هئا، هڪ ڀيرو عِصَام بن مُصطَلِق نامي شخص جيڪوحضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان بغض رکندو هيو، هڪ ڀيري حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سامهون سندس والد محترم حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي برو ڀلو چوڻ لڳو. حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان کي جهڙڪڻ يا جوابي وار ڪرڻ بدران اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۽ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهڻ کان پوءِ هي آيتون تلاوت فرمايون.

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾ وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۰۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ﴿۲۰۱﴾

(پاره:9، الاعراف: 199 -201)

ترجمو ڪنزالايمان: اي محبوب معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ. ۽ اي ٻڌندڙ جيڪڏهن شيطان توکي چنگ ڏي تہ تون الله جي پناهہ گهر بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ جيڪي تقوي وارا آهن جڏهن انهن کي ڪنهن شيطاني خيال جو ڏک لڳي تو تہ هوشيار ٿي وڃن تا انهيءَ وقت سندن اکيون کلي وڃن ٿيون.

پوءِ فرمايائون: (اي عِصام) پنهنجي مٿان بار هلڪو رک ۽ مان الله کان تنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ مغفرت جو سوال ڪيان ٿو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪهڙو تہ پيارو انداز آهي، ڪيترا

[1] تفسير بحر المحيط،پاره:9 ،الاعراف،زيرِ آيت:201 ، جلد:4، صفحه:570۔

پيارا اخلاق آهن. سامهون وارو برو پلو چئي رهيو آهي ۽ امام حُسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ ان کي بخشش جي دعا ڏئي رهيا آهن. نفرتون مٽائڻ ۽ محبتون وڌائڻ جو هي نهايت ئي پيارو نسخو آهي، اسان کي بہ هي نسخو اپنائڻ گهرجي، اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِدْفَعْ بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِیْ بَیْنَكَ وَ بَیْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِیٌّ حَمِیْمٌ ﴿۳۴﴾

(پاره:24،حم السجده:34)

ترجمو ڪنزالعرفان: برائي کي ڀلائي سان دور ڪيو تہ توهان ۽ جنهن شخص جي وچ ۾ دشمني هوندي آهي تہ ان وقت اهو ائين ٿي ويندو جڻ گهاٽو دوست آهي.

تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت مان معلوم ٿيو تہ دين اسلام ۾ مسلمانن کي اخلاقيات جي نهايت اعليٰ، جامع ۽ شاهڪار تعليم ڏني وئي آهي تہ برائي کي ڀلائي کان ٽاري ڇڏيو جيئن ڪنهن جي طرف کان تڪليف پهچي تہ ان تي صبر ڪيو، ڪو جهالت ۽ بيوقوفي جو ورتاءُ ڪري تہ ان تي بردباري ۽ برداشت جو مظاهرو ڪيو ۽ پاڻ سان بدسلوڪي ٿيڻ تي عفو و درگذر کان ڪم وٺو..!![1]

بد ہنسیں تم ان کی خاطر
رات بھر روؤ کراہو
بد کریں ہر دَم بُرائی
تم کہو ان کا بھلا ہو[2]

اللّٰہ پاڪ اسان کي معاف ڪرڻ، برائي جو بدلو چڱائي کان ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] تفسير صراط الجنان،پاره:24 ،حم السجده،زيرِ آيت:34 ،جلد:8 ،صفحہ:641بتغير قليل.
[2] ...حدائقِ بخشش ،صفحہ:339.

## امام عالي مقام جا عبرتناڪ اشعار

اِسّحاق بن اِبراهيم چون ٿا: هڪ ڀيرو امام عالي مقام، امام حسين رضي الله عنه قبرستان ويا ۽ عربي جا شعر پڙهيا(جنهن جو ترجمو هيئن آهي): مان قبر وارن کي پڪاريو پر اهي خاموش رهيا، پوءِ انهن جي قبر جي مٿيءَ مون کي جواب ڏنو، چيائين: ڇا توهان کي خبر آهي مان پنهنجي رهڻ وارن جو ڪهڙو حال ڪيو؟ مون انهن جو گوشت پٽي ڇڏيو، لباس ڇيري ڦاڙي ڇڏيو، انهن جي اکين کي پڳهاري ڪري مٽي ۾ ملائي ڇڏيو، انهن جا جوڙ جداجدا ڪري ڇڏيا، انهن جون هڏيون ٽوڙي ڇڏيون ۽ انهن جي جسمن کي بلڪل ڳاري ڇڏيو ۽ انهن تي آفتون ڏکيون ٿي ويون.[1]

## مصيبت ته قبرن جي اندر آهي امام عالي مقام جو خطبو

نواسهءِ رسول حضرت امام حسين رضي الله عنه جي متعلق روايت آهي ته پاڻ جڏهن قبرن کي ڏسندا هئا ته فرمائيندا هئا: مٿان ڪان هي قبرون ڪهڙيون نه وڻندڙ لڳن ٿيون پر مصيبت ته ان جي اندر آهي، الله! الله! اي الله جا ٻانهؤ...!! دنيا ۾ مشغول نه ٿي وڃو! بيشڪ قبر عمل جو گهر آهي(يعني اتي اعمال ئي ڪَڌ ويندا) نيڪ اعمال ڪري وٺو! انهن سان غافل نه ٿيو..!![2]

قبر روزانہ یہ کرتی ہے پُکار
مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشُمار

یاد رکھ! میں ہوں اندھیری کوٹھڑی
تجھ کو ہو گی مجھ میں سُن! وحشت بڑی

میرے اندر تُو اکیلا آئے گا
ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا

گُھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا
بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا

کرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی (3)

---

[1] تاريخِ مدينه دمشق،جلد:14، صفحه:187ـ
[2] بستان الواعظين ،مجلس فی ذکر القبور،حکاية عن الحسين،صفحه:157ـ
[3] ...وسائلِ بخشش ،صفحه:711 و 712 ملتقطًاـ

هن انداز تي عبرت ۽ نصيحت جي لاءِ اسان قبرستان حاضري جي عادت بڻايون. دل جي ڪٽ لهندي، گناهن کان نفرت نصيب ٿيندي ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻبو. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

## امام عالي مقام جو خطبو

آخر ۾ اچو! امام عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنْهُ جو هڪ سبق آموز خطبو ٻڌون ٿا: تاريخ ابن عساڪر ۾ آهي، ڪربلا جي ڏينهن 10 محرم الحرام تي صبح جو امام عالي مقام، امام حسين رَضِيَ اللہُ عَنْهُ خطبو ارشاد فرمايو: الله پاڪ جا ٻانهؤ! الله کان ڊڄو! ۽ دنيا کان بچندا رهو! بيشڪ هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي هميشه رهڻو هجي ها ته ضرور انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام هميشه رهن ها پر الله پاڪ هن دنيا کي آزمائش جي لاءِ پيدا فرمايو آهي، هتي رهڻ وارا سڀئي فنا ٿيڻ جي لاءِ ئي بڻايا ويا آهن، دنيا جون نيون شيون پراڻيون ٿيڻ واريون آهن، هتان جون نعمتون ختم ٿيڻ واريون آهن، هتان جون خوشيون ختم ٿيڻ واريون آهن، بس! سامانِ سفر تيار ڪيو! بيشڪ بهترين سامانِ سفر تقويٰ ئي آهي، الله پاڪ کان ڊڄو! ته جيئن توهان ڪامياب (*Successful*) ٿي وڃو..!!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي زِندگي کي بامقصد بنائڻ، خوفِ خُدا جي نعمت، نيڪيون ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفَاظت جي لاءِ تڙپڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽

ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيم! دِين و دُنيا جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار اجتماع بہ آهي. اچو! هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جو ذِهن بنائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گُنَاهن ڀري زِندگي ۾ مدني انقلاب

پاڪستان جي صوبي سنڌ شهر ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زِندگي گذاري رهيو هئس، دُنيوي لذّتن ۾ مَصرُوف رهڻ منهنجو معمول هو، بُرن دوستن جي صحبت مون کي اجا وڌيڪ بگاڙي ڇڏيو هو، دوستن سان گڏجي سڄي رات گُنَاهن جو سلسلو جاري رهندو هو، هڪ ڀيري هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مَغرب جي وقت نماز جي دعوت ڏني، خبر ناهي ان جي دعوت ۾ ڪهڙو اَثر هو جو مان ان سان گڏ مسجد ڏانهن ويس، مغرب نماز پڙهي، نماز کان بعد هڪ اسلامي ڀاءُ فيضانِ سُنّت مان دَرس ڏنو، دَرس کان فوراً بعد اسلامي ڀائرن هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ وڃڻ جي تياري شروع ڪئي. هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي بہ هفتيوار اِجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري، ان جو انداز ايترو پيارو هو جو مان يڪدم هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ٿي پيس، پوءِ جلد ئي اسلامي ڀائرن سان گڏجي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي فضائن ۾ پهچي ويس، اتي سنتن ڀريو بيان ٻڌو، ذِڪرُ الله ۾ مَصرُوف رهيس، پوءِ رِقّت انگيز دُعا ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جو مون تي ايترو اَثر ٿيو جو مون دُعا جي دوران رَوئي رَوئي پنهنجي گُنَاهن کان توبہ ڪئي ۽ آئينده زِندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي پڪي نيت ڪئي، مون تي ڪيف و سُرور طاري هو،

اجتماع جي واپسي کان بعد مون نمازن جي پابندي شروع ڪئي ۽ نيڪين ڀري زِندگي گذارڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويس.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو! | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهه نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:

مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدۡ اَحَبَّنِی وَمَنۡ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الۡجَنَّة

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## مندي پائڻ جي باري ۾ سنتون ۽ آداب

(1) مرد کي سون جي مندي پائڻ **حرام** آهي. سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سون جي مندي پائڻ کان منع فرمايو آهي.[2] (2) نابالغ (يعني ننڍي) ڇوڪر کي بہ سون جا زيور پارائڻ حرام آهن ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو، ائين ٻارن جي هٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ **ناجائز آهي**. عورت پنهنجي هٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ

1 ... مشکاة الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

2 بُخاری ۴/۶۷ حديث ۵۸۶۳

گنهگار ٿيندي.[1] (3) **لوهه** جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي.[2](4) مرد جي لاءِ اها ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر هجي يعني رڳو هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (**هڪ ڪان وڌيڪ يا**) گهڻا نگينا هجن ته پوءِ ڪٽي چاندي جي هجي مَردن لاءِ ناجائز آهي.[3] (5) بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، چلو آهي (6) حُروفِ مُقَطّعَات واري منڊي پائڻ جائز آهي پر حُروفِ مُقطّعات واري منڊي بغير وضو پائڻ ۽ هٿ لڳائڻ يا مصافحو ڪندي مهل هٿ ملائڻ واري جو منڊي ڪي بي وضو هٿ لڳائڻ جائز ناهي (7) اهڙي طرح مردن لاءِ هڪ کان وڌيڪ (جائز واري) منڊي پائڻ يا (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) چلو پائڻ به **ناجائز آهي** جو هي (چلو) منڊي ناهي، عورتون چلو پائي سگهن ٿيون.[4] (8) چاندي جي هڪ منڊي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشه (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي جيتوڻيڪ مُهَر (يعني ٺپي) جي لاءِ نه هجي پر ان جو ترڪ (يعني جنهن کي اسٽامپ جي ضرورت نه هجي ان جي لاءِ جائز منڊي به نه پائڻ) **افضل** آهي مُهَر جي غرض کان نه صرف جائز بلڪ **سنت** آهي، ها تڪبُّر يا زنانو سينگار (ليڊيز اسٽائل جو فيشن) يا ٻي ڪنهن غرضِ مَذمُوم (يعني قابل مَذمت مقصد) نيّت ۾ هجي ته رڳو منڊي ئي نه بلڪ انهيءَ نيّت سان سٺا ڪپڙا پائڻ به جائز ناهن.[5] (9) عيدن تي مرد لاءِ چاندي واري جائز منڊي پائڻ مُستَحب آهي.[6] پر مرد اها ئي جائز منڊي پائي (10) منڊي انهن ئي لاءِ سنّت آهي جن کي مُهَر (يعني اسٽامپ Stamp لڳائڻ) جي حاجت هجي جيئن سلطان، قاضي ۽ عالم جيڪي فتوَن تي اسٽامپ

---

1 بهارِ شريعت ۴۲۸/۳، دُرِّمختار و رَدُّ ا لْمحتار ۵۹۸/۹
2 ترمذی ۳۰۵/۳ حديث ۱۷۹۲
3 رَدُّ الْمحتار ۹/ ۵۹۷
4 بهارِ شريعت ۳ / ۴۲۸
5 فتاوی رضويہ ۱۴۱/۲۲
6 بهارِ شريعت ۱/ ۷۷۹، ۷۸۰

لڳائڻ ٺاهه ان ڪان علاوه ٻين جي لاءِ سنّت ناهي البت پائڻ جائز آهي.[1] اڄڪلهه منڊي سان نيو لڳائڻ جو عرف (يعني رواج) ناهي، بلڪ ان لاءِ "استام" ٻڌايو ويندو آهي، لِهٰذا جن کي نيو نه لڳائڻو هجي ان قاضي وغيره جي لاءِ منڊي پائڻ سنّت نه رهي (11) مرد کي گهرجي ته منڊي جو نگينو تري واري پاسي رکي ۽ عورت نگينو هٿ جي پوئين پاسي رکي.[2] (12) چاندي جو ڇلو خاص زنانو سينگار آهي، مردن جي لاءِ مَڪرُوهِ (تحريمي ،ناجائز ۽ گناهه آهي)[3] (13) عورت سون چاندي جون جيتريون منڊيون ۽ ڇلا چاهي پائي سگهي ٿي هن ۾ وزن ۽ نگينن جو تعداد مقرر ناهي (14) لوهه جي منڊي تي چاندي جو ڪَور چڙهايو جو لوهه بلڪل ڏسڻ ۾ نه اچي ته ان منڊي جو پائڻ مرد توڙي عورت ٻنهي کي منع نه آهي.[4]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

الفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 عالمگيری ۵ / ۳۳۵
2 الہدایۃ ۴/ ۳۶۷
3 فتاوی رضویہ ۲۲/۱۳۰
4 550سنتیں اور آداب، صفحہ:57و 58ملتقطاً۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455